مجاهد حسين سولنگي

# سچل سرمست جي سنڌي شاعريءَ ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال


## Abstract

**Usage of pronominal suffix in the Sindhi Poetry of Sachal Sarmast**

*The features of Sindhi language, syntax and grammar are unique, which makes Sindhi language more vivid and clear in attaining a dignified place in modern languages of the world .*

*The sole aim and objective of this article is to explore the usage of pronominal suffixes in Sindhi poetry of Sachal Sarmast , a well known scholar, a man of letters and a master of classical poetry. The study of his poetry highlights, the use of above mentioned aspect of Sindhi language. It depicts Sindhi society on a truly panoramic scale.*

*As pronominal suffixes, only a word / letter, beautifully clarifies the meaning and real essence of the whole sentence, which is a rare quality of Sindhi language and literature. The usage of pronominal suffixes is a peculiarity of Sindhi language which has existed from time immemorial in its original and ancient phonological and syntactic structure.*


”**سنڌي** ٻوليءَ جي خوبين توڙي ان جي ادب جي رنگارنگيءَ ڊاڪٽر ٽرمپ تي چڱو اثر ڇڏيو، ان ڪري هن نہ صرف سنڌي ٻوليءَ جو گرامر لکيو پر تفصيل سان سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ بڻ بڻياد کان وٺي ان جي نحوي ۽ صرفي خوبين تي پڻ تفصيل سان لکيو آهي.“(1) اهي سنڌي ٻوليءَ جون اڻ ڳڻيون خاصيتون آهن جن پرڏيهي عالمن کان بہ اعتراف ڪرايو آهي، مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ جا وياڪرڻي گڻ ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻا ، بلند ۽ بالا آهن، جن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ سچاڻپ مڙني ٻولين کان بالاتر آهي. اسان هن مقالي ذريعي سچل جي ڪلام جي معرفت سنڌي ٻوليءَ جي ضميري پڇاڙيءَ بابت اڀياس ڪري سنڌي ٻوليءَ جي شان ۽ شوڪت ۽ ان سان گڏ سچل جي آفاقي ڪلام جي عالمي خوبين کي بيان ڪرڻ چاهيون

ٿا . هاڻي اچوتہ پهريائين ضميري پڇاڙيءَ کي سمجهي پوءِ سچل جي ڪلام جو اڀياس ڪريون.

## ضميري پڇاڙي: Pronominal Suffix

وصف : ”اهڙو اکر يا آواز جيڪي ڪنهن لفظ جي آخر ۾ اچي ڪانہ ڪا مقرر معنيٰ ظاهر ڪري ، پر اهو اکر يا آواز هڪ ضمير جي نمائندگي بہ ڪري يا ان جو مٽ هجي تہ ان کي ضميري پڇاڙي چئجي ٿو.“ (2)

واحد بخش شيخ، ”ضميري پڇاڙيءَ کي ضمير متصل سڏي ٿو.“(3) متصل = لڳل ، ويجهو ملحق ، جڙيل ، پرسان وغيره (4) واحد بخش شيخ ضمير متصل جي وصف لکي ٿو تہ: ”اهو ضمير جو ڪنهن ٻئي لفظ سان ملحق ٿي استعمال ٿئي، تنهن کي ضمير متصل چئبو آهي متصل ضمير وسيلي لفظن کي ترتيب ڏيڻ ۽ ان کي ڊيگهہ کان بچائڻ خاطر ضمير شخصي کي ٻين لفظن سان ضميري نشانين يا پڇاڙيءَ جي صورت ۾ لڳايو ويندو آهي.“ (5)

مثال :

پٽ + م = پٽم = منهنجو پٽ ( اسم ) (ضمير متڪلم)

پٽ + ءِ = پٽہءِ = تنهنجو پٽ (ضمير حاضر )

پٽ + س = پٽس = هن جو پٽ ( ضمير غائب)

ڪرڻ ( مصدر )+ م = ڪيم = مان/ مون ڪيو ( فعل ) ( ضمير متڪلم)

ڪرڻ + ءِ = ڪيءِ = تون / تو ڪيو (ضمير حاضر)

ڪرڻ + س = ڪيس = هن ڪيو (ضمير غائب)

وٽ + م = وٽم = مون وٽ (حرف جر ) (ضمير متڪلم)

وٽ + ءِ = وٽہءِ = تون / تو وٽ (ضمير حاضر)

وٽ + س = وٽس = هن وٽ (ضمير غائب)

مٿئين مثالن ۾ پٽ (اسم) سان م، ءِ، س ، ڪرڻ مصدر سان م، ءِ، س ۽ وٽ حرف جر سان م، ءِ ۽ س ضميري پڇاڙي مليل آهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صرف اسم ۽ فعل ۽ حرف جر جي لفظن سان ملي ضمير خالص جو ڪم ڪندي آهي، ” م “ پڇاڙي لاءِ عالمن جو رايو آهي تہ: ”اها اصل فارسي زبان جي ضميري علامت آهي پر هاڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ استعمال ٿي رهي آهي . جڏهن تہ ٻيون ضميري علامتون نج سنڌي ٻوليءَ جون آهن.“ انهيءَ سلسلي ۾ ، پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو تہ: ” عربيءَ ۽ فارسي زبانن جو سنڌي ٻوليءَ تي ڪافي اثر آهي ايسيتائين جو نہ رڳو گهڻا لفظ سنڌي ۾ سمائجي ويا آهن پر سندن ڪجهہ نحوي عمل بہ سنڌي ٻوليءَ تي اثر انداز ٿيا آهن. مثال: معياري سنڌيءَ ۾ اسين چئون ’ويس‘ ۽ ’ويندس‘ . شڪارپوريءَ ۾ چون: ’ويم‘ ۽ ’ويندم‘ ، اتي ”س“جي بجاءِ ”م “ ڪم آڻڻ فارسي صيغي موجب آهي “. (6)

بهرحال سچل سرمست جو سڄو ڪلام ضميري پڇاڙين جي مڙني صورتن سان پُريو پيو آهي، جن جي مختلف روپن مان ڪجهہ شعرن جي بندن جا مثال پيش ڪجن ٿا .

1) هئي ويني بازر وچ ۾ ، هُئا هٿ ڪِڪِيءَ **هاٿَـــس** ،
دَرنَ ڪاڻ دُٻنَ ۾ ، ٿي پِنَ وِڏا **پاٿــــــــسِ** ،
هُئي مُهاٽي **ماٿَس** ، پر هِن سان ڪَرم ڪَريم ڪيو . (ص 268)

2) باري برهہ بلوچ جو ، اديون سر **آيـــــوم** ،
چاهون چمي تنهن ڪي ، چشمن تي **چـــايوم**،
وِرِهہ **وســـــــايوم** ، نِينهُن پنهنجي نِجهري. (ص 194)

3) سارنگ سعي ۾ اتي ، سچل سستي ڇڏ،
مٿان **ايندءِ** ، اوچتو، هاڻ نہ **مُـــــڙندءِ** هڏ،
اجهاپي ڪا اڏ، وسڻ ڪان اڳي وجـــــي . (ص 350)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

4) جيڪي آهين وو، سو تا تون هين سائين ،حڪم **سنڌ** آهي جاري،
دوست ڙي **پيڙم** خبر ڪري .  ( ص 393)

سچل سائينءَ جي ڪلام جي پهرئين بيت ۾ هاڻس (ضمير غائب) لفظ هاڻا سان ”الف“ ختم ڪري ’س ‘ پڇاڙي ملائي آهي، جڏهن ته عام استعمال ۾ هئس يا هئاس به استعمال ۾ ايندو آهي. پاڻس ، ماڻس (رشتيداري ڏيڪاريندڙ ضمير آهن ،ٻئي بيت جي سٽن ۾ آيوم، چايوم، ۽ وسايوم(متصل واحد متڪلم) هنن لفظن ۾ فعل سان `و` اضافو ڏئي ضميري پڇاڙي ’ م ‘ ملائي آهي جڏهن ته اسان وٽ آيم ، چايم ۽ وسايم ضمير خالص فعليءَ (ضميري پڇاڙي) طور به استعمال ۾ ايندو آهي پر سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ مختلف اکرن جا اضافا پڻ ملن ٿا ۽ ٽئين بيت جي سٽن ۾ ايندءِ، مڙندءِ ۽ سنڌءِ (متصل حاضر واحد) جا مثال آهن. سچل سرمست پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌءِ جو لفظ سنداءِ ( الف جي اضافي سان ) به استعمال ڪيو آهي.

هي ڪم **سنداءِ** ، آهن جاني جابجاءِ .

سچل سرمست جي ڪلام ۾ ضميري پڇاڙين جا اهڙا مثال تمام گهڻا آهن، هتي فقط نموني طور پيش ڪري مقالي کي ديگهه کان بچايو ويو آهي. انهيءَ کان علاوه ’و ‘ تي زبر ( َ ) جي استعمال سان به ضمير متصل ڪم اچي ٿو، جيئن سچل جو بيت آهي ته:

1). لئون اچي پاڻ **لايَوَ** نا ته مون کي ڪل نه هوئي .
2). ڏينهن انهيءَ يار ”سچوءَ“ڪؤن سچي ڳالهه **سلايَوَ** (ص90)
3). دل ”سچوءَ“ جي دلبر سائين ، ديدن ساڻ **ڏتاريَوَ**   (ص374)
4). تنهن ڏينهن لاڪون يار ”سچوءَ“کي ، باري برهه **بچايَوَ** (491)

مٿئين بيتن ۾  واو تي زبر ( َ ) جو صرفيو متصل صيغو آهي، جيڪو لايَوَ ، سلايَوَ، ڏتاريَوَ ۽ بچايَوَ جي لفظن ۾ وا و تي زبر سان  اچي ٿو، جيڪو توهان يا تون ضميرن ( لفظن جي جمع صورت ) حاضر جمع جي نشاندهي ڪري ٿو.

وڌيڪ مطالعي لاءِ سچل سرمست جو ڪجهه ڪلام عرض رکجي ٿو:

لؤُن اَچِي پاڻ **لايَوَ**، نا ته مون کي ڪَـــــــــل نه هوئِي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اَصل لاَڪُـــــون عِشقَ لائِڻَ جِي، ڳالهِ اِها خوش **آيَوَ**
درد فــــــــراق جي ڏِنيو امَانَت، اِها سانوَلَ **سيبايَوَ**
عَرش ڪرسِيءَ جا ڪِين قبولي اُها اسان ڏي هوت **هلايَوَ**
ڳالهِ پُرجهَڻ جهڙي نا هئي، پاڻ سڄڻ **سمـــــجهايَوَ**
ڏينهَن اُنهِيءَ جِيءَ يارَ "سچؤ"ڪون سچي ڳالهِ **سَلايَوَ**

عمر اجائي گذري، هھڙا حال **تيـــــامر؛**
چپ چپاتيءَ سرتيون، وتؤن هوت **ويـــامر؛**
هو جي ڏونگر ڏاڪڙا،قولڻ سپ **پـــــيامر؛**
اج صبح **ايندامر**، ڪندا ور ويچاريءَ جي. (225)
هُتئون آڻي هِت ڪِيئن **لـــڪايئہ**، ڪڻي مُشڪ عطرَ ؟
هوڪو هِت ہيو ڪيهو **گهُمايئہ**، ڪَري تان گُمر گوهَرَ ؟
هھڙي جوَهرَ جي هِتي، ڪنهن سان نہ **ڪَــيَـــئہ** خبر ،
پنهنجي اڳيون **ڪيـــئہ** مڙيوئي، سارو مُلڪ مَشهر . (450)

ڏوڙو ڏک **پيـــــــــوس**، پَني جي پڙهڻ سان،
وچئون ساھُ **ويوس**، هَي هَي ڪندي ڪاڪيون (387)

زبر وانگر زير ( ِ ) سان فعلي لفظن مان بہ ضمير متصل جا مقصد يا معنيٰ ملندي آهي . جيئن:

اٿِن = هنن کي آهي (ضمير متصل غائب جمع )
ڪيڍيو **پيِنِ** پاڻ ۾، وڏيءَ مهل مَهي . (ص 299)
پکا پکن سامهون ، اوري آٽي **اڏِن** .(ص311)

مٿئن مثالن ۾ پيِنِ ۽ اڏِن فعلن ۾ 'ن' ضمير غائب جي علامت آهي ۽ اهي لفظ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ضمير غائب جمع جو مطلب ڏين ٿا. 'ن ' تي زير ''ِ '' آهي ۽ اهڙي زير يعني، حرڪات وارن لفظن کي بہ ضميري پڇاڙيءَ جي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو.

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا فعل آهن ، جن سان ضميري پڇاڙيون مليل نہ هونديون آهن تہ بہ اهي حرڪات يعني زير، زبر ۽ پيش جي استعمال جي ڪري ضمير جي نشاندهي ڪنديون آهن جيئن: اٿِن = هنن وٽ آهي (ضمير متصل جمع غير حاضر) ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي اهڙا بہ فعل آهن، جن سان وري ڪا حرڪات يا ضميري علامت جڙيل ڪانہ هوندي آهي تہ بہ اهي فعل، ضميرن جو مفهوم ڏيندا آهن جيئن:

1). وساري ويهي **رهيؤ** حال ٻڌي هيِئي . (ص310)

2). پريان جا پيغام ، تو **ڏئي** مِڙيئي مام ۾. (ص409)

مٿئن مثالن ۾ فعل ''رهيو'' ۽ ''ڏئي '' مان ضمير واحد غائب جي ڄاڻ ملي ٿي، جڏهن تہ انهن فعلن سان ڪابہ حرڪات يا ضميري نشاني ڳنڍيل ڪانہ آهي، مطلب تہ ضميري پڇاڙين جي وضاحت لاءِ نهايت گهڻو وقت ۽ مهارت درڪار آهي. هتي صرف اهڙي متصل ضميرن جي نشاندهي ڪرڻ آهي جيڪي عام استعمال ۾ آهن باقي جي قسمت ساٿ ڏنو تہ انشاءَ الله انهيءَ عنوان يعني ضميري علامتن تي وضاحت سان لکبو. ضميري پڇاڙين جي اهميت بيان ڪندي ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:

"سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خصوصيت ضميري پڇاڙيون آهن ، جيڪي اسم کي وري وري استعمال ڪرڻ کان بچائن ٿيون، اسم جي بدران ضميري علامت استعمال ڪبي آهي اهي ضميري نشانيون ضمير خالص جو ڪم ڏينديون آهن."(7)

پيرو مل لکي ٿو تہ: سنڌي ٻوليءَ اهي پڇاڙيون سانديون آهن تہ اها سندس هڪ خاصيت يا هڪ خاص خوبي ڪري ليکجي ٿي ، اهي ضميري پڇاڙيون هڪڙي فعل سان گڏي فاعل يا مفعول جي معنيٰ ظاهر ڪبي آهي ، هيءَ سنڌي ٻولي جي وڏي خوبي چئجي ، جو هن طرح صرف هڪ لفظ / اکر ڪم آڻڻ سان سڄي جملي جو مطلب ظاهر ڪري سگهجي ٿو. پيرومل وڌيڪ لکي ٿو تہ: هن ريت پڇاڙين مان جدا جدا قسم جي حرف جر جي معنيٰ پاڻ مرادو پئي نڪري ، جنهن ڪري اسم يا ضميرن جي اٺن ئي حالتن جي معنيٰ پاڻهي ظاهر ٿئي ٿي ، سنڌيءَ وانگر ڪشميري ٻوليون گهڻيون خوبيون نہ ٿيون ڏيکارن ، ڇاڪاڻ تہ رڳو سنڌي ٻولي آهي جنهن ۾ فارسي ۽ پشتو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وانگر اسم ۽ فعل ۽ حرف جر سان اهي پڇاڙيون ڳنڍبيون آهن. .پيرومل ضميري پڇاڙين جي خوبي بيان ڪرڻ لاءِ ٽرمپ جي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر مان ڪجھ ٽڪرو به لکيو آهي ۽ ٽرمپ لکي ٿو ته :

"The use of these suffixes constitutes quite a peculiar features of Sindhi language and distinguishes very advantageously from all the kindred idioms of India – which are destitute of pronominal suffixes." (8)

ڊاڪٽر ھ . م گربخشاڻي لکي ٿو ته: " ضميري نشانيون جھونيءَ سنڌي ۾ گھڻي قدر استعمال ٿيل آهن ۽ اهي جڏهن ظرفن ۽ حرف جرن سان لڳايون وڃن ٿيون ته بعضي بعضي اهي نشانيون جملن جي بناوت ۾ مونجھاري جو سبب بڻجن ٿيون."(9) مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته: "سنڌيءَ ۾ اسين ضميرن کي پڇاڙيءَ جي روپ ۾ اسم ،فعل ۽ حرف جر ۾ لڳائي استعمال ڪندا آهيون. سنڌي ٻوليءَ ۾ اها اهڙي خاصيت آهي، جيڪا ڀارت – پاڪ اپکنڊ جي ٻين ٻولين ۾ گھٽو ڪري ڪانه ٿي ملي، اهو طريقو ملتاني ۽ ڪشميري ٻوليءَ ۾ پڻ ملي ٿو، پر جيترو گھڻو استعمال سنڌيءَ ۾ آهي اوترو انهن ٻولين ۾ نه آهي." (10) اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽيون ضميري پڇاڙيون به ڪم اينديون آهن جيئن:

چوندومانس / چيومانس / چيمس / چوندوسانس = مون هن کي چيو.

ماريوسونس = اسان هن کي ماريو .

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽين ضميري پڇاڙين جا ڪيترائي مثال موجود آهن، جن متعلق عالم ساراهه ڪن ٿا ته ٻٽيون ضميري پڇاڙيون سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيتن ۾ هڪ اهم خصوصيت آهي، جن جي بنياد تي اسان سنڌي ٻوليءَ کي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ مٿاهون سمجھون ٿا. انهيءَ ڪري ٻولين جي ماهرن به خاص توجھ ڏنو آهي. پيرومل مهر چند آڏواڻي وياڪرڻي قاعدن پٽاندر اترادي لهجي جي ان خوبيءَ يعني ٻٽي ضميري پڇاڙيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. سندس چوڻ موجب سري ۾ چون: "آيم " ۽ "چوندومانس " جڏهن ته ٻين هنڌن تي چون "آيس" ۽ "چوندوسانس " ٻئي نمونا رواج موجب درست آهن، پر وياڪرڻ جي اصولن موجب ته وڌيڪ درست سرحدي سنڌ وارا آهن، ڇاڪاڻ ته جڏهن ڳالھ ڪندڙ پنهنجي اچڻ جي ڳالھ ڪري تڏهن "م" پڇاڙي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

استعمال ڪرڻ صحيح آهي، اها تہ ضمير متڪلم جي علامت بہ آهي.“(11)

ٻٽين ضميري پڇاڙين بابت محترمہ سعديہ مهر: ڊاڪٽر نبي بخش خان جو حوالو ڏيندي لکي ٿي تہ: ”فعل جون ٻٽيون ضميري پڇاڙيون جنهن مڪمل صورت ۾ سنڌيءَ ۾ رائج آهن اهي ٻئي ڪنهن بہ هنڌ ، ڪنهن آريائي ٻوليءَ ۾ نہ ٿيون ملن. اهي ٻٽيون پڇاڙيون اندازو آهي تہ سڌو سنئون عربي يا عربيءَ مان فارسي ذريعي سنڌيءَ ۾ رائج ٿيون هجن. بلوچ صاحب سنڌي ٻوليءَ کي سامي سٽ جي ٻولين سان ڳنڍي ٿو، ان ڪري اها سنڌي ٻوليءَ جي خوبيءَ واري ڳالهہ عربيءَ سان لاڳاپي واري ڪري ويو آهي، جڏهن تہ رشيد ڀٽي پنهنجي مقالي ۾ بہ بلوچ جهڙي ڳالهہ ڪندي لکي ٿو تہ: ”سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي جو ايترو تہ دخل رهيو آهي جو سنڌي ئي رڳو آريہ ٻولي آهي جنهن کي ضميري پڇاڙيون آهن، جا رڳو عربي ۽ هيبريو ٻوليءَ جي خصوصيت آهي.“(12) جڏهن تہ ٻيا عالم انهيءَ ڳالهہ تي راضي ناهن. سراج: سنڌيءَ کي خالص سنڌ جي اصلوڪي ٻولي ٿو مڃي تنهن ڪري اهي ضميري پڇاڙيون سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي خصوصيت ڪري ليکي ٿو ۽ اهڙي ڳالهہ ڊاڪٽر ٽرمپ جي بہ مٿي لکي آيا آهيون ، جڏهن تہ ڊاڪٽر شرٽ وري انهن علامتن کي دراوڙي خاصيتون ڪوٺي ٿو . محترمہ وري، پروفيسر فاضل شيخ جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ: ”حقيقت ۾ اهي ٻٽيون ضميري پڇاڙيون ئي آهن جن جي ساخت ۽ تبديلين جي اصولن تي بحث ڪري اسان سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت ڪا معتبر راءِ قائم ڪري سگهون ٿا .“(13)

ڊاڪٽر غلام علي الانا فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي هڪجهڙاين بابت وضاحت ڪندي لکي ٿو:

“It is a fact that Sindhi has borrowed plenty of words and phrases, etc from Persian language but Sindhi language has not borrowed phonetic, phonological the peculiarities of pronominal suffixes and those causal verbs from Persian language .These peculiarities, as a matter of fact, are its aboriginal peculiarities which have been retained by Sindhi language from time immemorial in its original and ancient phonological and syntactical structure.

In this connection further tells that, the main grammatical similarities between Sindhi and Persian language is the use of pronominal suffixes. Sindhi language contain the system of pro-

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

nominal suffixes used with nouns, perfective transitive and intransitives borrowed or indigenous verbal forms and post positions , but in Persian language, the pronominal suffixes are added to nouns and verbs only, not with prepositions . It is also to be noted that the system of affection of pronominal suffixes with verbs is not the same between Sindhi and Persian language.”(14).

يعني اها حقيقت آهي، تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ ۽ فقرا آهن جيڪي فارسي زبان مان ورتا ويا آهن، پر سنڌي ٻولي ڪڏهن بہ فارسي ٻوليءَ جي اچارن، آوازن ۽ لفظن جي پڇاڙي ۾ ڦيرڦار ۽ تبديل اڪرن (ضميري پڇاڙي) جي نرالي انداز کي اپنايو نہ آهي ۽ نہ ئي عام رواجي فعل ورتا آهن ، حقيقت ۾ اهي پراڻيون خوبيون سنڌي ٻوليءَ پنهنجو پاڻ ۾ اصلوڪي انداز ۾ شروعاتي دور کان وٺي، ان جي اصليت ۽ پراڻن آوازن ۽ نحوي جوڙجڪ ۾ حاصل ڪيون آهن . سنڌي ۽ فارسي زبان جي گرامري هڪجهڙاين جو اهم اهڃاڻ انهن ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين جي استعمال جو نظام اسم، فعل متعدي ۽ لازمي سان اڌارا ورتل ۽ اصلوڪن فعلن جي صورتن ۽ حرف جر سان منسوب ڪيو وڃي ٿو، پر جڏهن تہ فارسيءَ ۾ ضميري پڇاڙيون صرف اسم ۽ فعل سان ڳنڍي سگهجن ٿيون، نہ ڪي حرف جر وغيره سان ، اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ضميري پڇاڙين جي ڳنڍجڻ جو نظام فعل سان سنڌيءَ ۽ فارسيءَ جي وچ ۾ هڪجهڙو نہ آهي.

الانا جي هن وضاحت مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ ضميري پڇاڙيون فارسي ٻولي جي ڀيٽ ۾ سهڻي نموني استعمال ٿين ٿيون ۽ اهي سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي ملڪيت آهن، يعني سنڌي ٻولي فارسيءَ کان وڌيڪ خاصيتون رکي ٿي.

ضميري پڇاڙين جي اڀياس جي بنياد تي راءِ ڏيندي مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ:
”ضميري پڇاڙي کي اسم ، فعل ۽ حرف جر سان لڳائي پريوڳ ڪرڻ جي ريت مندا، ايراني ۽ داردي ٻولين جي اثر سببان پيدا ٿيل نظر نہ اچي، اهو طريقو سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين کان ورثي ۾ مليل نہ آهي، پر اهڙين خاصيتن کي ڏسي ، هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد ڪنهن غير آريائي ٻوليءَ مان ليکڻ بلڪل غلط آهي.“ (15)

شرف الدين اصلاحي پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي ٿيسسز ۾ لکي ٿو تہ:

”متصل ضمیریں سندھی، عربی، فارسی اور سنسکرت میں آتی ہیں، اردو میں متصل ضمیر نہیں ہیں۔(16)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عالمن جي راين جي روشني ۾ تہ ضميري پچاڙيون ٻين سيني ٻولين جهڙوڪ انگريزي، عربي، فارسي، اردو، ڪشميري، وغيره جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ اوائل ڪان اصلوڪي طرز عمل سان استعمال ٿي رهيون آهن، جنهن ڪري سچل سرمست بہ سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي وياڪرڻي گڻ ڪي فطري انداز ۾ اپنائي، پنهنجي اظهارِ خيال ڪي معياري، سهڻو ۽ سيبتو بڻايو آهي، جنهن جي شعرن جو اپياس ثبوت ڏئي ٿو. مطلب تہ سچل سرمست جو ڪلام سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مڙني خوبين سان ٽمٽار آهي ۽ هاڻي ائين ڪٿي چئجي، تہ اهي ضميري پچاڙيون سنڌي ٻولي ۽ ادب جي عظمت لاءِ نڪ جي حيثيت رکن ٿيون.

## حرف آخر:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پچاڙين جو استعمال دنيا جي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ نرالو ۽ مٿاهين سطح جو آهي، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي عظمت ٻين ٻولين ڪان گونا گون آهي ۽ هن سکي ستابي سنڌ جا ماڻهو پنهنجي منڙي ٻوليءَ جي مڙني صرفي ۽ نحوي روپن ڪان ڀليءَ ڀت واقف رهيا آهن، ايتري قدر جو پنهنجي اندر جي اظهار اورڻ لاءِ نوان تجربا ڪري موسيقيءَ ڪي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ لاءِ پڻ ڪوشش ڪندي نظر اچي رهيا آهن. اهڙن اظهاري عالمن ۾ سچل سرمست جو شمار پڻ ٿئي ٿو، جنهن پنهنجي ڪلام ۾ سيئي وياڪرڻي گڻ استعمال ڪري پنهنجي عالميت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سالميت لاءِ ڪوشان نظر اچي ٿو، جنهن ڪري سندس ذهانت ۽ عالميت جو دائرو بين الاقوامي حدود ۾ شامل ٿيڻ جي هر وجهہ لائق آهي .

### حوالا


1. جوڻيجو ، عبدالجبار . ڊاڪٽر . مقالو . ٽرمپ، سورلي ، پٽاوالا . تہ ماهي مهراڻ. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. ص 15. سال. سيارو 2006ع

2. ٻرڙو ، محبت. ڊاڪٽر . اڇوتہ پنهنجي سنڌي لکت سنواريون . سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي . ص42 سال 2000ع .

3. شيخ ، واحد بخش. سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو . سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو . ص 236 . سال




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

2006ع.

4 . بلوچ ، نبي بخش خان . ڊاڪٽر . مرتب . جامع سنڌي لغات . سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو . جلد 5 . ص 2587 . سال 1988ع.

5. ساڳيو نمبر 3 .

6. جتوئي ، علي نواز . پروفيسر . علمِ السان ۽ سنڌي زبان . انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو . ص 153 . سال 1996ع.

7. الانا ، غلام علي . ڊاڪٽر . سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس . انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو . ص148 . سال 2005ع.

8.الف) آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند . پروفيسر . سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ . سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو . ص 327 . سال 2004ع .

8 .(ب) . پتافي، شازيہ حسين . مقالو . ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي لکيل سنڌي گرامر جو جائزو . ماهوار نئين زندگي حيدرآباد . ص35 . سال . جنوري 2009ع.

9. گربخشاڻي ، هوتچند مولچند . پروفيسر . شاهہ جو رسالو . روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو . ص 66 . سال 1996ع .

10. مرليڌر جيٽلي . مقالو . سنڌي ٻوليءَ جون مکيہ خاصيتون . مهراڻ گولڊن جوبلي نمبر . سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو . ص 131 . سال 2006ع.

11. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند . سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ . سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو . ص63 . سال 2004ع.

12. ڀٽي، رشيد . سنڌيڪار . (هہ م گربخشاڻي) شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ . پيهي منجهہ پاتال . مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور . ص127.

13. مهر، سعديہ . مقالو . شاهہ جي شاعريءَ ۾ اترادي لهجي جا اهڃاڻ . ڪلاچي جرنل . شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي. ص150 . سال ڊسمبر 2006ع .

14. الانا، غلام علي . ڊاڪٽر . مقالو . لنگسٽڪ سميلرٽيز ان سنڌي اينڊ پرشن . ائبسٽريڪٽ بڪ، شيخ اياز انٽرنيشنل ڪانفرنس آن لينگيوئيج اينڊ لٽريچر . فيڪلٽي آف آرٽس، يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو . ص 56 سال 2007ع.

15. جيٽلي، مرليڌر . مقالو . سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد ۽ اوسر . ڪلاچي جرنل . شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي . ص 50 . سال مارچ . جون 2007ع .

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

16. اصلاحي، شرف الدين. اردوسندھي ڪي لساني روابط. مقتدره قومي زبان اسلام آباد. ص 371.
سال 1987ع.

17. انصاري، عثمان علي. مرتب. رسالو سچل سرمست. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. سال 2007ع.

**نوٽ:** سڀ بيت عثمان علي انصاريءَ جي مرتب ڪيل "رسالو سچل سرمست" تان ورتا ويا آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair